SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1972

SINDH ACT NO. V OF 1972

سنڌ صوبائي اسيمبلي (پگهارون رعايتون ميمبرن لاءِ) ايڪٽ مجريہ 1972

THE SINDH PROVINCIAL ASSEMBLY (SALARIES, ALLOWANCES OF MEMBERS) ACT, 1972

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title, Extent and Commencement

2. تعريف

Definitions

3. پگهارون ۽ رعايتون

Salary and Allowances

4. پگهارن جي ناقابل ادائيگي

When salary not payable

5. سفري خرچ

Travelling Allowance and Mileage Allowance

6. ريل ذريعي مفت آمد رفت

Free Transit by Railway

7. علاج معالج جي سهولت

Medical Facilities

8. يڪمشت پگهار

Consolidated salary

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1972

SINDH ACT NO. V OF 1972

سنڌ صوبائي اسيمبلي (پگهارون رعايتون ميمبرن لاءِ) ايڪٽ مجريہ 1972

THE SINDH PROVINCIAL ASSEMBLY (SALARIES, ALLOWANCES OF MEMBERS) ACT, 1972

[18 جولائي 1972]

سنڌ صوبائي اسيمبلي ميمبرن کي (پگهارون، رعايتون) مهيا ڪرڻ لاءِ ايڪٽ.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ عبوري آئين اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آرٽيڪل 119 جي تحت سمورن صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن کي صوبائي ميمبرن جي پگهارن ۽ رعايتن کي ايڪٽ جي ذريعي مهيا ڪرڻيون آهن.

ان لاءِ هيءُ مناسب سمجهيو ويو آهي تہ سنڌ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن جون پگهارن ۽ رعايتن کي بہ واضح ڪيو وڃي.

جنهن کي هينئين طريقي سان لاڳو ڪيو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title, Extent and Commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ صوبائي اسيمبلي (پگهارن ۽ رعايتن) جو ايڪٽ سڏيو ويندو.

(2) هن ايڪٽ کي 21 اپريل 1972 کان نافذ العمل سمجهيو ويندو.

تعريف
Definitions

2. وضاحت: جيڪڏهن هن ايڪٽ جي سياق ۽ سباق جي منحرف نہ آهي تہ:

(a) "اسيمبلي" مان مراد سنڌ صوبائي اسيمبلي هوندي.

(b) "ڪميٽي" مان مراد صوبائي اسيمبلي طرفان مقرر ڪيل ڪميٽي جنهن ۾ استينڈنگ ڪميٽي ۽ سليڪٽ ڪميٽي بہ شامل هوندي.

(c) "حڪومت" مان مراد سنڌ حڪومت.

(d) "ميمبر" مان مراد گورنر، وزير، اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪٽر ڪانسواءِ جيڪي اسيمبلي جا ميمبر هوندا.

(e) "اجلاس" مان مراد اسيمبلي جو اجلاس.

(f) "فرض سرانجام ڏيڻ دوران رهائش جو عرصو" مان مراد اهو عرصو جنهن دوران ڪو به اسيمبلي جو ميمبر اجلاس هلندي رهائش پذير هجي، يا ڪميٽي جي اجلاس يا اسيمبلي جي ڪم ڪار دوران رهائش پذير هجي.

(i) اسيمبلي شروع ٿيڻ کان 3 ڏينهن اڳ ۾ اجلاس ختم ٿيڻ کان 3 ڏينهن پوءِ رهي سگهندو.

(ii) ڪميٽيءَ جي اجلاس يا ڪارروائي شروع ٿيڻ کان 2 ڏينهن پهريان ۾ ختم ٿيڻ ۾ ڏينهن پوءِ رهي سگهندو.

وضاحت: ان صورت ۾ جيڪڏهن ڪو اسيمبلي ميمبر، ان هنڌ تي رهائش پذير هجي جنهن ۾ اسيمبلي يا ڪميشن اجلاس رکيو ويو هجي تہ هو سمورو وقت رهي سگهندو. ۾ اسيمبلي جو اجلاس ملتوي ٿي وڃي تہ هو وڌيڪ 3 ڏينهن نہ رهندو ۾ ڪاميٽيءَ جي اجلاس ملتوي ٿيڻ بعد 2 ڏينهن وڌيڪ رهي نہ سگهندو. ڪيو ويو آهي ان کي رهائشگاهہ سمجهيو ويندو.

(g) "قاعدن جو طريقيڪار" مان مراد اهڙا قاعدا ۾ ضابطا جيڪي اسيمبليءَ جي روزمرهہ جي ڪمن ڪارن ۾ وهنوار ۾ استعمال ٿيندا آهن.

(h) "سيڪريٽري" مان مراد اسيمبلي سيڪريٽري آهي.

(i) "اسپيڪر" مان مراد اسيمبلي جو اسپيڪر آهي.

پگهارون ۾ رعايتون
Salary and Allowances

3. هر ميمبر هيٺ ڄاڻايل پگهار ۾ رعايتن جو اهل هوندو.

(1) 400 رپين تي ٻڌل ماهوار پگهار

جيڪڏهن ڪو ميمبر بنا اجازت اسيمبلي:

(a) هڪ مهيني ۾ ٽيندڙ اجلاس جي 3/4 کان گهٽ حاضر رهڻ کان قاصر هجي يا؛

(b) جنهن مهيني ۾ چونڊيو ويو هجي ان مهيني هلندڙ اجلاس جي 3/4 تائين حاضر رهڻ کان قاصر هجي تہ

(c) ان مهيني جي پگهار ونڻ جي اهل نہ هوندو.

(2) فرض منصبي جي دوران روزانو وظيفي تي ٻڌل 50 روپيہ هر ڏينهن جي حساب سان.

پگهارن جي ناقابل ادائيگي
When salary not payable

4. علاوه ان جي هن ايڪٽ جي دفعہ 3 جي منحرف نہ هجي تہ ميمبر رائج الوقت قانون جي تحت بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ سزا يافتہ ٿئي اهو قيد واري عرصي جي پگهار وصول ڪرڻ جو حقدار نہ هوندو.

سفري خرچ
Travelling Allowance and Mileage Allowance

5. (1) هر ڪو اسيمبلي ميمبر پنهنجا فرض ادا ڪندي پهرين گريڊ جي آفيسر جي برابر سفري وظيفو ڪٹڻ جو حقدار هوندو.

جڏهن تہ اجلاس دوران ڪراچي ۽ ٻين هنڌن تي ڪيل سفري خرچن جو ڪو بہ وظيفو ادا نہ ڪيو ويندو.

وڌيڪ هي تہ جيڪڏهن اجلاس 10 ڏينهن لاءِ ملتوي ڪيو وڃي تہ سفري خرچن جو وظيفو قابل ادائيگي هوندو.

۽ جيڪڏهن ميمبر جي عام رهائشگاهہ فرض منصبي جي هنڌ کان 5 ڪلوميٹر اندر هجي، جتي سندس حاضري گهربل هجي ان صورت ۾ سفري خرچن جو وظيفو ناقابل ادائيگي هوندو.

(2) ان کانسواءِ جيڪڏهن هن ايڪٽ جي ذيلي دفعہ (1) جي منحرف نہ آهي تہ اسيمبلي ميمبر ان جي اهل هوندو:

(a) جيڪڏهن سفر ريل جي ذريعي ڪيو ويو آهي تہ ميمبر کي سفري خرچن جي مد ۾ ڏيڍوڻو ڪرايو درجہ اول تي ٻڌل A.C.C سرچارج ادا ڪيو ويندو.

(b) هوائي جهاز ۾ سفر جي صورت ۾ اڪانومي ڪلاس جو ڪرايو ادا ڪيو ويندو.

(c) سفر دوران ڏاڙي 50 روپيہ جي حساب سان روزانو وظيفو ادا ڪيو ويندو.

وضاحت: هن ذيلي سيڪشن جي شق (C) جي مقصد لاءِ:

(i) 25 روپيہ ڏاڙي وظيفو اڌ ڏينهن لاءِ.

(ii) هر ڏينهن جو شمار اڌ رات کان ٿيندو.

(iii) سفر جي ابتدا يا پڄاڻي جو حصو ٿيندو:

(a) 2 ڪلاڪن کان گهٽ سفر تي ڪجهه نه آهي.

(b) 2 ڪلاڪن کان وڌيڪ ۽ 2 ڪلاڪن کان گهٽ اڌ ڏينهن ڳڻيو ويندو.

(c) 2 ڪلاڪن کان وڌيڪ تي سڄو ڏينهن ڳڻيو ويندو.

مفت نقل و حمل ريل ذريعي
Free Transit by Railway

6. هر ميمبر کي هڪ ريلوي اجازت نامو ڏنو ويندو جنهن تحت ه مغربي پاڪستان ريلوي جي ذريعي 1500 ميل سالياڻو مفت نقل و حمل جي اهل هوندو. ان رعايت جو اثر هن ايڪٽ جي تحت ملندڙ وظيفن تي نه هوندو.

علاج معالج جي سهولت
Medical Facilities

7. هر ميمبر پاڻ بطور اندرين ۽ باهرين مريض هئڻ جي حالت ۾ درجه اول جي آفيسرن کي ملندڙ سموريون طبي سهولتن جو حقدار هوندو.

يڪمشت پگهار
Consolidated salary

8. جيڪڏهن ڪو به ميمبر پنهنجي پگهار يڪمشت وصول ڪرڻ چاهي ته ان کي پاڻ پنهنجي رضامندي جي درخواست بنام سيڪريٽري، جيڪو مالي سال جي شروعات يا ميمبر جي چونڊ ۽ حلف برداري جي وڌ کان وڌ 30 ڏينهن جي اندر جمع ڪرائڻي پوندي. اهو ميمبر دفعه 3 ذيلي دفعه (1) جي تحت پگهار ۽ دفعه 6 ۽ 7 جي تحت رعايتون وڻڻ جو حقدار هوندو. يڪمشت پگهار 800 رپيا ماهوار دفعه 3 ذيلي دفعه (2) ۽ دفعه 3 ۽ 5 جي تحت روانو سفري وظيفو جي حساب سان اهو قابل ادائيگي هوندو. وڌيڪ اهو ته پنهنجي رضامندي ڪانپوءِ اسيمبلي ميمبر جيڪو ريل جي ذريعي سفر ڪندو، دفعه 5 جي ذيلي دفعه (2) شق (a) جي تحت ملندڙ رعايتن جي قائم مقام هڪ درجه بندي اول بمعه A.C.C سر چارج، ڪرايو وڻڻ جو حقدار هوندو.

منسوخي
Repeal

9. سنڌ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر (پگهارون، رعايتون ۽ استحقاق) آرڊر مجريه 1972 کي منسوخ ڪيو ويجي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.